MetaMeta

Flood-Based Livelihoods Network Foundation



# روزگارجا بهتر بنايل موقعا

هن ڊاڪيومينٽ ۾ نين  جي پاڻي جي نظام جي استعمال  بابت ڪيترائي بهتر طريقا پيش ڪيا ويا آهن. جيڪي دنيا جي ٻين نين جي   ٻين نين جي پاڻي جي نظامن ۾  عمل هيٺ آيل ۽ اتان جي بهتر عملن تي مشتمل   آهن.

www.spate-irrigation.org

# 1 - پا ڻي جي  انتظام ۽ استعمال جا اضافي موقعا

## 1.1 پاڻي جي استعمال جي نئين سر تشريح ڪرڻ

ڪمانڊ آيريا ۾ اهڙي  طريقي سان پا ڻيجي ورهاست  بابت چٽا ۽ شفاف قاعدا مرتب  ڪرڻ ته جئين ان جو مناسب ۽ صحيح استعمال ٿي سگهي
ڏسو ته آيا؛
1. پاڻي جي ورهاست واري جاءِ تي.بيد اسٽيبلائيزر ٺهيل آهن
2. مستقل پاڻي ورهائيندڙ اپاريندڙ يا مٽي ڪنڌڙاوزار
3. نئين جي پيٽ ڪي مٽي ڪندڙ انتظام.





## 1.2 ننڍو ڪمانڊ ايريا:

زمين جي نمي يا گهم کي محفوظ ڪرڻ  لاءِ زمين جي وڏي حصي بجاءِ،  ننڍي زمين جي حصي کي آباد ڪرڻ تي سوچڻ
اهو يقيني بنايو ته بجاءِ وڏي پر اٽپوري آباد ٿيندڙ زمين جي ٽڪري بجاءِ ننڍو پر مناسب ۽ صحيح طريقي سان آباد ٿيندڙ زمين جي حصي کي آبادي هيٺ آندو وڃي



## 1.3 ٻنين ۾ واه ٺاهڻ:

ٻنين اندر ۽ ٻنين وچ ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ واه ٺاهڻ





## 1.4 ڪمانڊ علائقي ۾ بناوتون پاڻي جي وهڪري کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ بناوتون:



پاڻي کي ضابطي هيٺ آڻيندڙ بناوتون،  پاڻي جي وهڪري کي هڪ ٻني کان ٻي ٻني تائين هڪ ضابطي واري طريقي سان آساني سان پهچائي سگهجي ٿو. اهڙي طريقي سان بندن جي پاسن  ۾ پوندڙ گهارن ۽  زمين جي کاڌ جو سبب بنجندڙ ننڍن ننڍن گهارن ۽ سيرن کان به بچي سگهجي ٿو.

## 1.5 ٻني  تائين پا ڻي کي  ضابطي ۾  رکڻ لاءِ دروازا:



ڏهن بند زريعي وڏي ٻني پاڻي سان پرجي ويندي  آهي ته ان مان پاڻي کي واپس وهي وڃڻ کي  روڪڻ تمام ڏکيو ٿي پوندو آهي . زمين ۾ پاڻي کي بند رکڻ لاءِ دروازا ٺاهڻ سان پاڻي جي واپس وهڪري کي روڪڻ سان گڏ زمين جي کاڌ کي به روڪي سگهجي ٿو.

## 1.6 زمين جي گهم يا نمي کي سهنور يا اونهي هر زريعي محفوظرکڻ:





اونهي هر ۽ سهنور زريعي زمين جي گهم کي محفوظ رکي سگهجي ٿو. زمين جي گهم کي محفوظ رکڻ جو ٻيو طريقو هرڏنل زمين مٿان پلاسٽڪ جون چادرون رکڻ زريعي به آهي. ان طريقي سان زمين جي گهم کي محفوظ رکڻ سان گڏوگڏ ٽيمپريرچريا گرمي جي درجي کي به  ضابطي هيٺ رکي سگهجي ٿو ۽ گاه گند کي پيدا ٿيڻ کان روڪڻ ، زمين جي زرخيزي واري خا صيت کي بهتر ڪرڻ سان گڏ ٻوٽي جي پاڙن کي تيز گرمي کان بچائي سگهجي ٿو
قدرتي طور تي پاڻ ۾ تبديل ٿي ويندڙ جزا جهڙوڪ ڳريل سڙيل پن، باغن يا وڻن هيٺان گهٽي وقت کان  گڏ ٿيل ڳريل پنن مان ٺهيل مٽي ڪائين جي پور يا ڪاٺ جاسٺي نموني  ڳريل ٽڪراقدرتي يا هٿراڌو پاڻ طور استعمال ڪرڻ گهرجن
خاص طور تي جڏهن ٻوڏ کان پوءِ فصل پوکڻ جي مند ۾ ڪافي دير  هجي ته ان وقت گهم کي محفوظ رکڻ ضروي آهي

ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ کان اڳ هر ڏيڻ گهرجي ته جيئن ريج گهٽو  هيٺ وڃي سگهي ۽ زمين اندر وڌ کان وڌ ريج محفوظ ٿي سگهي.
سڻي اپت لاءِ هر 51.0 ملي ميٽر گهرو ڏيڻ گهرجي.

## 1.7 پاڻي اچڻ کان اڳ زمين جي تياري:

پاڻي اچڻ کان اڳ زمين جي تياري سان زمين ۾ وڌيڪ نمي داخل ٿئي ٿي.



## 1.8 زمين مان اضافي پاڻي جو بهتر نموني نيڪال:

بهتر ٿيندو ته زمين ۾ اضافي پاڻي نه بيهي. زمين کي سم ۽ ڪلر کان بچائڻ لاءِ، ان مان اضافي پاڻي جي نيڪال لاءِ سادا دروازا ٺاهڻ گهرجن.



## 1.9 روڊ جي پاڻي کي استعمال ڪرڻ:

روڊ تي پوندڙ مينهن جي پاڻي کي مورين ياپلين ذريعي ٻنين تائين پهچائي فصل. وڻن، گاه ۽ چوپائي مال لاءِ پاڻي استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان لاء روڊ جي پاسي ۾ اڳ موجود قدرتي تلاءِ، ننڍيون هيٺاهيون جايون استعمال ڪري سگهجن ٿيون يا نوان تلاءِبه ٺاهي سگهجن ٿا.







## 1.10 مال جي پيئڻ لاءِ مينهن جي پاڻي کي گڏ ڪرڻ:

مينهن جي پاڻي کي گڏ ڪري مال جي پيئڻ ۽ وهنجڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. پر ياد رهي ته پيئڻ ۽ وهنجڻ جي پاڻي کي الڳ رکجي.



## 1.11 ونڊمل جي زريعي پاڻي ڪڍڻ:

ونڊ مل جي زريعي زير زمين پاڻي کي ڪڍي پوک، پيئڻ ۽ مال جي پيئڻ وغيره لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.



## 2 - نون فصلن/ٻجن جا قسم ۽ پوکڻ جا طريقا




### 2.1 هڪ وقت تي مختلف فصل پوکڻ:



ٻه ياٻن کان وڌيڪ اهي فصل جيڪي هڪٻئي جي واڌاري ۾ مددگار ٿين ٿا، گڏائي پوکڻ گھرجن ته جيئن فصل نه ٿيڻ واري نقصان سان گڏ پاڻ ۽ دوائن تي ٿيندڙ خرچ کان بچي سگھجي . مثال ، مگ،موٺ،چونرا، ٻڪلا بينسش چڪپيز، ڪڊني بينز (دالين جا قسم) وغيره.

### 2.2 نوان فصل:

ٻوهي مگ اهڙو فصل آهي جيڪو وارياسي زمينۀ تبديل ٿيندڙ موسمن ۾ به بهتر نموني ٿي رهيو آهي.
سورج مکي اهم تيلي ٻج مان آهي جيڪونئين جي پاڻي جي موجودگي تي مدار رکندي پوکي سگھجي ٿو.

### 2.3 بهتر بنايل اهم فصلن جا جنسون:




جوار، گوار، دالين، چڪپيزۀ مڱن جي فصلن جون بهتر جنسونۀ تصديق شده بهتر ڪوالٽي جا ٻج استعمال ڪرڻ جيڪي علائقي ۾ پوکائي لاءِ مناسب آهن
پاڪستان ۾ جوار جي بهتر بنايل ٻجن جون جنسون آهن: جوهر
79SD ,89-SSY ,3002-SD
دالين ۾؛ ملڪامسور، مسور 58، مسور 39 ۽ شيپراز69
RB-99 dna RB-7102. گوار ۾.



### 2.4 ٽرفل( ڪنڀي) جو استعمال:



پاڪستان ۾ ڪنڀين جا 12 قسم کائڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. ۽هي بياباني ڪنڀي انهن مان هڪ آهي
ڪنڀي جو هي قسم زير زمين وڌي ٿي ، رنگ جي اڇي ۽ ڪنهن خاص شڪل جي نه هوندي آهي. ان جي ڊيگھ 2 کان 6 سينٽي ميٽر ٿيندي آهي.
۽ نئين جي پاڻ تي ٿيندڙ جوار سان ان جو گھرو تعلق هوندو آهي
هن ڪنڀي (ٽرفل ) جي قيمت 00002 في ڪلو کان مٿي هوندي آهي.

### 2.5 دوائن لاءِ ڪم ايندڙ ٻوٽا ۽ جڙي ٻوٽيون

دوائن ۾ ڪم ايندڙ ٻوٽن کي بازار ۾ سني اگھ تي وڪڻي سني آمدني حاصل ڪري سگھجي ٿي. ٿوه کي پاسارين جي دڪانن تي وڪڻي سگھجي ٿو. اسپنگول يا اسپنگر جيڪو زمين ۾ رهيل گزريل يا پوئين سال جي ٻج تي ٿئي، پوکي ۽ وڪڻي سگھجي ٿو. هن جي ڇل، کلن کي دستن ۽ ٻين مرضن جي علاج لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.




### 2.6 مال جو چارو:



نئين جي پاڻي کي وڏي ايراضي تي پکيڙي مال لاءِ مناسب مقدار ۾ چارو پوکي مال زريعي سوکھڙي واري وقت ۾ گزران جاري رکي سگھجي ٿو. چراگاهن ۾ هٿراڌو ٻج ڇٽڻ يا جانورن ذريعي قدرتي گاهن جي ٻجن جي پکڙجڻ سان مال جي چاري ۾ اضافي سان خشڪ ۽ نيم خشڪ علائقن ۾ مال جي پيداوار ۾ اضافو ٿي سگھي ٿو.



## 2.7 تيلي ٻج:




تيلي ٻجن وارن فصلن کي ڪٽڪ کان گهٽ پاڻي جي ضرورت پوندي آهي ۽ اهي خشڪ زمين ۾ بهتر پيداوار ڏيڻ جي قابل هوندا آهن. ڪافي تعداد ۾ تيلي ٻج آهن جيڪي نئين جي پاڻي تي ٽيندڙ زمين لاءِ فائديمند آهن. انهن مان ڪجھ هيٺيان آهن؛

سرهن ، سورج کي ،تر، السي وغيره.

## 2.8 وڻ يا جهنگ جون پاڙون ڪڍڻ لاءِ اوزار:



هي اوزار ننڍن يا پراڻن وڻن جو پاڙون آساني سان ڪڍڻ ۾ مددگار ثئي ٿو.

## 2.9 وڏو ڏاٽو:



هي ڏاٽو خشڪ فصلن جون ڏاڀنيونءِ گاه وڍ ڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي
هي ڏاٽو ڪلاڪن جا ڪلاڪ وقت بچائي ٿو ۽ عام ڏاتي جي ڀيٽ ۾ 4 دفعا تڪڙي ڪٽائي ڪرڻ ۾ مددگارثابت ثئي ٿو اهو جسم جي مٿئين حصي کي جهڪائي ڪٽائي ڪندي هڪئي ڏک سان 03 سينٽي ميٽر ٻوٽا ڪٽي سگهي ٿو. جوار جي گهاتي ۽ ٻگهي فصل جي لاباري لاءِ هن قسم جي ڏاٽي جو ڳن ٻگهو ۽ تکي ڏار هجڻ گهرجي.

## 2.10 هڪ ايڪسل وارو ننيڙو ٽريڪٽر:



هن ٽريڪٽر کي گهميل حالتن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ان ۾ ٿورو تيل استعمال ڪندڙ ڏڌي انجڻ رکيل آهي. ۽ ان ۾لوهي ڀيدل سان ٽائر فٽ ڪري زمين جي آلين جڳهن تي سلپ ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو هن مشين مان ٻيا به مختلف زرعي ڪم وٺي سگهجن ٿا جهڙوڪ زمين کي کيڙڻ ۽ ٻيئل حالت ۾ هن کان پاڻي ڪڍڻ، ان ڳاهڻ يا ڇڙڻ، اٽو ٻيهڻ، گاه ڪترڪرڻ ۽ تيل ڪڍڻ لاءِ (گهاڻي طور) به استعمال ڪري سگهجي ٿو.



# 3 - اناج جي زخيري جي بهتري لاءِ قدم

## 3.1 ان رکڻ لاءِ بهتر گندي:





ان کي گهڻي عرصي لاٰءِ محفوظ رکڻ جا ڪيترائي مقامي طريقا آهن انهن مان مٽيءِ ۽ لوه جي گندين سان گڏ زيرزمين زخيرو، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون، ايئر ٽائيٽ(هوا جي گزران روڪينڙ) زخيري جا زريعا ، سڻي جون ٿيلهيون ۽ سرن يا لوه سان ٺهيل گنديون شامل آهن.

## 3.2 ڪتر جي مشين:



ڪتر جي مشين اسان وٽ عام استعمال ۾ آهي هٿ سان ڪتر جي ڀيٽ ۾ هنجي جي استعمال سان ڪافي وقت بچائي سگهجي ٿو.

## 3.3 آئل پريسر يا گهاڻو:



هي بجلي تي هلندڙ گهاڻو آهي جنهن سان مختلف تيلي ٻجن جهڙوڪ سرهن، ترن ۽ ٻين تيلي ٻجن مان آساني سان تيل ڪڍي سگهجي ٿو. هن سان تمام سٺي نموني عام گهاڻي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيل ڪڍي سگهجي ٿو ۽ ٻج کي پکين، ڪتريندڙ جانورن وغيره طرفان نقصان رسائڻ کان به بچائي سگهجي ٿو. ٻج وڏي پريشر سان هيٺ سٺي نموني نپوڙجن ٿا گاٽ ذريعي پيدا ٿيندڙ گرمي سبب تيل ننيڙن سوراخن ذريعي ٽمي ٿو جيڪو ٻج جي زرڙن کي گزرڻ کان روڪي ٿو.

## 3.4 چار ڪول ڪولر:



هي ڪاٺ جي سپورٽ سان ڪوئلي کي استعمال ڪندي ٺاهيل ڪاٺ جي ڇت سان هڪ ڪولر آهي جيڪو بخارات جي زريعي پهنجي اندر جو ماحول ٻاهرين ماحول کان وڌيڪ ٿڌو رکي ٿو ۽ فصل جي تازي پيداوار جهڙوڪ ساين ڀاڄين ۽ ميون وغيره کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لا استعمال ڪيو ويندو آهي . ڪوئلو اسان وٽ آساني سان دستياب آهي ۽ ڪاٺ جي ٺهيل فريم ۾ رکيل ڪوئلي ۾ پاڻي کي روڪي رکڻ جي سٺي صلاحيت هجي ٿي. ڪولر جي اندر ڪاٺ جو فرش رکڻ گهرجي ته جيئن رکيل پيداوار زمين جي هيٺين گهم سبب سينورجڻ ۽ خراب ٿيڻ کان بچي سگهي .

# 4 - چوپائي مال ۽ ڪڪڙين مان حاصل ٿيندڙ شين جي تياري ۽ ترتيب

## 4.1 بجلي تي هلندڙ کير ولوڙڻ واري مشين:

هن مشين سان 51 منٽن ۾ مکڻ ڪڍي سگهجي ٿو.هن قسم جون مشينون مقامي مارڪيٽ ۾ به دستياب آهن



## 4.2 ڪڪڙن جي پالنا:

ڪڪڙن جي بهتر پالنا ۽ وڌيڪ پيداوار لاءِ ڪڪڙن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ سان گڏ، آري لاءِ نڌيڙيون کڏيون ۽ بيدن کي جانچڻ لاءِ ٽارچ جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.





## 4.3 چوپائي مال جي علاج جا بهتر طريقا:

چوپائي مال ۾ موت جي شرح کي روڪڻ ۽ انهنجي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ نئين جي پاڙي تي ٿيندڙ پوک وارن علائقن ۾ عورتن جي معاشي حالت بهتر بنائڻ لاءِ عورتن ۽ مردن کي چوپائي مال جي علاج بابت تربيت ڏيڻ ضروري آهي بيمارين جو علاج ٽڪن يا مقامي طور تي استعمال ٿيندڙ جڙي ٻوٽين استعمال ذريعي ڪري سگهجي ٿو.





## 4.4 مال جي چاري لاءِ مخصوص چراگاه:



ٿوري مدي لاءِ مخصوص ڪيل چراگاهن تي مال چارڻ سان گاه جي نئين سر ڦٽڻ ۽ زمين ۾ مينهن جي پاڻي کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ٿي. مال جي ڌڻن کي چراگاهن ۾ چارڻ سان هڪ ته جانورن جي پيداوار وڌي ٿي ۽ ٻيو ته چراگاه بهتر ٿيڻ سان گڏ ماحول بهتر ٿئي ٿو ۽ ماحول ۾ ڪاربان گئس کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ٿي.

## 4.5 چوپائي مال مان ملندڙ شين کي بهتر نموني تيار ڪرڻ ۽ انهن لاءِ بهتر مارڪيٽ پيدا ڪرڻ:



کير ۽ کير مان ٺهندڙ شين جهڙوڪ مائو ۽ ٻيون شيون توڙي چمڙي جي بهتر مارڪيٽ پيدا ڪري آمدني ۾ ڪافي اضافو ڪري سگهجي ٿو.

## 4.6 ٻڪرين جي جنسن جي مٿا سٽا:





ٻڪرين جون جنسون جهڙوڪ زهي (گوشت لاءِ)
تزادت (کير لاءِ، جيڪا ڏيهن ۾ ، 2،3 ليٽر کير ڏئي ٿي) هي جنسون آفريڪا جي ملڪ اريٿيريا جي نئيين وارن علائقن ۾ عام جام آهن ۽ ادل اٿوپيا جي نئين تي ٿيندڙآباددي وارن علائقن ۾ وڌن ويجهن ٿيون.باربري يا بري وڌن ڏٽن جي صورت وري پاڪستان ۾ موجود آهي.سوڊاني ريگستاني ٻڪري سوڊان جي نئين تي ٿيندڙ آبادي وارن علائقن ۾ وڌي ويجهي ٿي. تائيز (ان جي کير مان مئو ٺاهڻ) ۽ سردد (گهٽي وزن واري ۽گهٽو گوشت ڏيندڙ ) طور يمن ۾ عام ۽ مشهور آهن.
هنن جنسن ۾ ميلاپ يا هنن جنسن جي مٿاسٽا سان مال جي پيداوار وڌائي سگهجي ٿي.



## 4.7 رڍن جي جنسن جو ميلاپ ۽ مٽاسٽا:

رڍ ن جون جنسون جهڙوڪ هاريا جنس زياده کير ڏيندڙ (3 ليٽر روزانو تائين )، تسائيداجنس گهٽ کا ڌو ۽ گهٽو کير ڏيندڙ.بارڪا جنس (زياده کير ۽ زياده گشت ڏيندڙ) ڪيه (گهٽو گوشت ڏينڙ) رڍ ن جون هي جنسون آفريڪا جي ملڪ اريٿيريا جي نئين تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن. رڍ ن جون جنسون جهڙوڪ افار(نئين جي علائقي ۾ جاليندڙ ) بونگا جنس(تڪڙي واڌ ويجهه، گوشت ڏيڻ ۾ سٺي، جاڙا ڦر ڏيندڙ )هورو جنس (سٺي واڌ ويجهه) مينز جنس (ٿوري کاڌي تي گهٽي پيداوار ڏيندڙ) رڍن جون هي جنسون اٿوپيا جي نئين جي پاڙي تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن. بلوچي ( ان ڏيڻ ۾ سٺي) پاڪستان ۾ عام ملي ٿي. سوڊاني ريگستاني رڍ (نون علائقن ۾ جاليندڙ ۽ ٻگهن مفاسلن تائين پنڌ ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ)هيمري،نبا ۽ بانياگرار (گوشت ۾ سٺيون) سوڊان جي نئين جي پاٽي تي ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن.
ڏامري جنس (سٺو وزن رکندڙ) ۽ تيز ڳاڙهي (ٿوري کاڌي تي گزران ڪندڙ) يمن جي علائقن ۾ عام آهن. هنن جنسن ۾ ميلاپ يا هنن جنسن جي مٿاسٽا سان مال جي پيداوار وڌائي سگهجي ٿي.



## 4.8 ڍڳن ۽ مينهن جي جنسن جو ميلاپ ۽ مٽاسٽ:



جنسون جهڙوڪ آرابو (ٻين علائقن ۾ سٺي نموني جالينڙ)بيگيت (کير ۽ گوشت جي سٺي پيداوار ڏيندڙ) ۽بهري (کير ۽ گوشت جي سٺي پيداوار ڏيندڙ) آفريڪا جي ملڪ اريٿيريا ۾ عام آهن. جنسون جهڙوڪ بورن (کير جي سٺي پيداوار ڏيندڙ شديد گرمي ۾ جاليندڙ ۽ بيمارين کي برداشت ڪرڻ جي سگهه رکندڙ) سانگا ۽ زينگا آفريڪا جي ملڪ اٿوپيا جي نئين جي پاٽي تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن. پاگناري جنس (بار ڪٽڻ يا ڏاند گاڏن ۾ استعمال ٿيڻ لاءِ بهتر) لوهني (جابلو علائقن ۾ هلڪو ڦلڪو بار ڍوئڻ لاءِ بهتر) دجال (سٺو گوشت ڏيندڙ) روجهن ( گهٽ کاڌو واپرائيندڙ ۽ باربرداري لاءِ بهتر ڪم ڏيندڙ) ۽ ڳاڙهي سنڌي (گهٽو کير ڏيندڙ ) پاڪستان ۾ عام آهن. گاش (ججهو کير ۽ گوشت ڏيندڙ) اراشي ( ججهو کير ڏيندڙ 01 ليٽر روزانو تائين) بوتانا (گهاٽو کير ڏيندڙ) ۽ بوگارا (سٺو گوشت ڏيندڙ) جنسون سوڊان ملڪ جي نئين تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن. يمني ڍڳي زيبو (گهٽو کير ڏيندڙ) يمن جي نئين جي پاٽي تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام آهن. نئين جي پاٽي تي آباد ٿينڙ علائقن جي وچ ۾ هنن جانورن جي جنسن جي مٿاستا يا ميلاپ سان چوپائي مال جي هنن جنسن جي گوشت ۽ کير جي پيداوار خاصو اضافو ڪري سگهجي ٿو.



### 5.1 فصلن سان گڏ وڻ پوکڻ:

فصلن سان گڏ وڻن پوکڻ جا ڪيترائي فائدا آهن، جهڙوڪ فيڌهربليبديا (ٻير جي وڻ سان ملندڙ جلندڙ جيڪو انڊيا ۽ پاڪستان ۾ متعارف ڪرايو ويو آهي)۽ اهڙي قسم جا ٻيا وڻ پوکي زمين جي زرخيزي وڌائڻ يا هوا جو زور ٽوڙيندڙ وڻ جهڙوڪ ازاديراچٽندڪا ۽ زمين جي ڪاڙ کي روڪيندڙ وڻ جيئن اڪيڪا سينيگال ۽ انا ڪاربيم اوسيبينٽيلا پاڻي جي موجودگي يا مقدار کي وڌائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ماحول دوست ۽ ججهي چانو ڏيندڙ وڻ جهڙوڪ انڊونسونيا بجيٽيٺ، ازاديراچٽاانديڪا، ميگنيفيررينڊيڪا ۽ پارڪيا بگلوبوسا. فصلن سان گڏ وڻ پوکڻ جا مختلف طريقا اپنائي سگهجن ٿا جهڙوڪ، فصل اندر ٿوري مفاصلي تي قطارن ۾ وڻن جي پوکائي مال جي چاري يا گاهه سان گڏ وڻن جي پوکائي، ٻارڻ ۽ ٻين مقصدن لاءِ وڻن يا هڙين جي پوکائي

يمن ۾ ٻير ۽ ٻين اهڙن وڻن جي پوکائي ڪوئلي ٺاهڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. پاڪستان ۾ ٻير جي هڙين جي پوکائي ڪئي پئي وڃي.





### 5.2 گهڻفائيدار وڻ:

گهڻفائيدار وڻ نئين جي پاڻي تي آباد ٿيندڙ علائقن واري زراعت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. هي وڻ چانو، ٻارڻ لاءِ ڪاٺ، مال لاءِ چارو، گهرن ۽ مال جي واڙين لاءِ لوڙهو، عمارتي ڪاٺ، ميوا، ماکي،واري جي پٽن کي توازن ۾ رکڻ، دوائن لاءِ ڪم ڏيڻ، ڪوئلو، هٿ جي هنر ۾ ڪم ڏيڻ (جهڙوڪ پيش جو ٻوٽو جيڪو واڻ ۽ تڏا وغيره ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي)، نئين جي پاڻي کي موڙڻ لاءِ ۽ پڪين لاءِ آجهي سان گڏ ٻيا به انيڪ فائدا ڏين ٿا. اڪثر گهڻفائيديدار وڻن ۾ سيلام، سيبدر، پير ، ارڪ ، چال، حاليگ (يمن ۾ ٿيندو آهي ٻين فائدن سان گڏ عمارتي ڪاٺ لاءِ بهترين آهي)، ڪجي جو وڻ، ڊوم وڻ (هي ساحلي علائقن ۾ ٿيندو آهي پر ڏڪار وارن علائقن لاءِ به موزون آهي)، لئي، ديبر (يمن ۾ ٿيندو آهي، ٻارڻ لاءِ بهترين آهي ۽ هاري هن جو ٿڙ کوٽي ان ۾ انُ ۽ ٻيو سامان رکندا آهن)ڪنڊي،ٻير، ديوي (هن جا ڪنڊا زهريلا ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن گهڻي وقت تائين مال رڳو ديوي جا پلڙا کائي ته بيمار ٿي سگهي ٿو . پر ان جا فائدا به آهن. ان جي ڪاٺ کي گهڻو ڪري اڏوهي نه ٿي لڳي). هي وڻ هارين ۽ آبادگارن کي اضافي آمدني مهيا ڪن

ٿا. ڏڪار يا ٻين ڏکين موسمياتي حالتن ۾ فصلن کي نقصان رسي سگهي ٿو پر وڻ انهن ڏکين حالتن ۾ به محفوظ رهن ٿا. سپ کان اهم ڳالھ ته اهي مذهبي نشانيون آهن ۽ وڻن جي شاعري ۽ نثر ۾ به تعريف ڪئي وڃي ٿي.







### 5.3 گهڻمقصدي جڙي ٻوٽيون:

گهڻن مقصدن وارين جڙي ٻوٽين جو استعمال نئين جي پاڻي تي آباد ٿيندڙ علائقن جي زراعت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو. اهي چانو، عمارتي ڪاٺ، مال جي چاري، لوڙهي، ٻارڻ، ميون، واري جي پٽن کي توازن ۾ رکڻ، ماکي، دوائن ، ڪوئلي ٺاهڻ،هٿ جي هنر، نئين جي پاڻي کي موڙڻ، ٻوٽن لاءِ آشيانو ۽ انهن جي پاڙن جو استعمال ۽ ٻين ڪيترن ئي طريقن سان استعمال ٿين ٿا.

تمام گهڻو ڪارآمد گهڻ مقصد جڙي ٻوٽين مان ڪجهه هي آهن: پنير،ٻو ۽، لاڻو، ڦاڳ، سنهور، اڪ، ونزا، سسل (پيش سان مشاهبت رکنڙ ٻوٽو ۽ ان جون تندون، رسا، غاليچا،تڏا وغيره ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿا) پوئينسيٽيا (موهيڙن ۽ ٻين چمڙي جي بيمارين لاءِ ڪم اچي ٿو)مينگروز يا تمر جا وڻ،(سمنڊ جي ڪنارن ۾ ٿين ٿا)هنن جڙي ٻوٽين مان ماڻهن کي آمدني حاصل ٿئي ٿي. ٻوڏ ۽ ڏڪار جي حالت ۾ فصلن کي ته نقصان رسي سگهي ٿو پر جڙي ٻوٽيون موجود هجن ٿيون. سپ کان اهم ڳالھ ته اهي مزهبي نشانيون آهن ۽ انهن جوذڪر شاعري ۽ نثر ۾ به ملي ٿو.

### 5.4 جهنگلي فصل:



ڪيترائي جهنگلي فصل ٿين ٿا جن مان اهم فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. هنن فصلن جا ٻج زمين ۾ چڏيل هوندا آهن ۽ نئين جي پاڻي اچڻ سان ڦٽي پوندا آهن. سينوڪ جنهن کي جهنگلي چانور به چئبو آهي، چينا،سموڪا جهنگلي فصلن جا ڪجھ مثال آهن. انهن جي ٻجن مان ماني ۽ ڪچڻي ٺاهي ويندي آهي. انهن جا پن ۽ ڏانڊيون گهرن جون چٽيون ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندون آهن ۽ سڄا ٻوٽا جانورن جي چاري طور، خاص طور تي ڏڪار دوران ڪتب ايندا آهن. اسپغول دوائن لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ جهنگلي ٻوٽو آهي.

### 5.5 ماکي جي پيداوار:





سٺي ڪواليٽي واري ماکي مارڪيٽ ۾ سٺي اگهه تي وڪڻي اضافي آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي. ڪيترن ئي قسمن جا گهڻ مقصد وڻ آهن جيڪي ماکي جي پيداوار لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا جهڙوڪ سيلم، سيبدار، پير،ٻير، وغيره.

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | پا ٽي جي انتظام ۽ استعمال جا اضافي موقعا | |
| | 1.1 | پاڻي جي استعمال جي نئين سر تشريح ڪرڻ |
| | 1.2 | ننڍو ڪمانڊ ايريا |
| | 1.3 | ٻنين ۾ واهه ٺاهڻ |
| | 1.4 | ڪمانڊ علائقي ۾ ٻناوتون پاڻي جي وهڪري کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ٻناوتون |
| | 1.5 | ٻني تائين پا ٽي کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ دروازا |
| | 1.6 | زمين جي گهم يا نمي کي سهنور يا اونهي هر زريعي محفوظرکڻ |
| | 1.7 | پاڻي اچڻ کان اڳ زمين جي تياري |
| | 1.8 | زمين مان اضافي پاڻي جو بهتر نموني نيڪال |
| | 1.9 | روڊ جي پاڻي کي استعمال ڪرڻ |
| | 1.10 | مال جي پيئڻ لاءِ مينهن جي پاڻي کي گڏ ڪرڻ |
| | 1.11 | ونڊمل جي زريعي پاڻي ڪڍڻ |
| 2 | نون فصلن/ٻجن جا قسم ۽ پوکڻ جا طريقا | |
| | 2.1 | هڪ وقت تي مختلف فصل پوکڻ |
| | 2.2 | نوان فصل |
| | 2.3 | بهتر بنايل اهم فصلن جا جنسون |
| | 2.4 | ٽرفل( ڪنيپي) جو استعمال |
| | 2.5 | دوائن لاءِ ڪم ايندڙ ٻوٽا ۽ جڙي ٻوٽيون |
| | 2.6 | مال جو چارو |
| | 2.7 | تيلي ٻج |
| | 2.8 | وڻ يا جهنگ جون پاڙون ڪڍڻ لاءِ اوزار |
| | 2.9 | وڏو ڏاتو |
| | 2.10 | هڪ ايڪسل وارو ننڍڙو ٽريڪٽر |
| 3 | اناج جي زخيري جي بهتري لاءِ قدم | |
| | 3.1 | ان رکڻ لاءِ بهتر گندي |
| | 3.2 | ڪتر جي مشين |
| | 3.3 | آئل پريسر يا گهاڻو |
| | 3.4 | چار ڪول ڪولر |
| | 3.5 | جنڊ |
| | 3.6 | نامياتي فصلن جي پيداوار جو وڪرو ۽ واهپو |
| | 3.7 | ڪاڏي کي خراب ٿين کان محفوظ رکڻ |
| | 3.8 | ڪتريندڙ جانورن کان بچاء |
| 4 | چوپائي مال ۽ ڪڪڙين مان حاصل ٿيندڙ شين جي تياري ۽ ترتيب | |
| | 4.1 | بجلي تي هلندڙ کير ولوڙڻ واري مشين |
| | 4.2 | ڪڪڙن جي پالنا |
| | 4.3 | چوپائي مال جي علاج جا بهتر طريقا |
| | 4.4 | مال جي چاري لاءِ مخصوص چراگاه |
| | 4.5 | چوپائي مال مان ملندڙ شين کي بهتر نموني تيار ڪرڻ ۽ انهن لاءِ بهتر مارڪيٽ پيدا ڪرڻ |
| | 4.6 | ٻڪرين جي جنسن جي مٽا سٽا |
| | 4.7 | رڍن جي جنسن جو ميلاپ ۽ مٽاسٽا |
| | 4.8 | ڍڳن ۽ مينهن جي جنسن جو ميلاپ ۽ مٽاسٽ |
| 5 | روزگار جا موقعا جهڙوڪ وڻن جي پوکائي | |
| | 5.1 | فصلن سان گڏ وڻ پوکڻ |
| | 5.2 | گهڻفائيدار وڻ |
| | 5.3 | گهڻمقصدي جڙي ٻوٽيون |
| | 5.4 | جهنگلي فصل |
| | 5.5 | ماکي جي پيداوار |

fvansteenbergen@metameta.nl; amehari@metameta.nl; aahmed@rdfoundation.org.pk; spateirrigation@spopk.org; and knawaz99@yahoo.com